اڏول اُتم

- هري دلگير

ڪي ويجها پِي ڏُور، ڪي ڏُور ٻہ ويجها سپرين (شاهہ)

اُتم اُنهن اعليٰ اديبن مان هڪ آهي، جن سان مان گهڻو مِليو جهُليو ناهيان، پر اِن هوندي ٻہ هو منهنجي دل جي نزديڪ رهندو آهي. هُن سان شخصِي ملاقاتون ٿہ نہ جهڙيون ٿيون آهن، پر قلمِي دوستِي پنجاهہ سالن کان ٻہ وڌيڪ پُراڻِي آهي. ديش جي ورهاڱي کان اڳ اڳي جڏهن هو حيدرآباد ۾ ڪاليج مخزن 'ڦليلي' جو ايڊيٽر هو، تڏهن هُن مونکي خط لکِي، مون کان ٻہ ٻہ ڪوتائون گهرائي، پنهنجِي مخزن ۾ شايع ڪيون هيون. ورهاڱي ڪانپوءِ اُتم سنڌ ڇڏي هليو ويو پر مان پورا ٻارهن سال سنڌ ۾ ئي پيس. ۱۹۵۸ع ۾ مان جڏهن ڀارت ۾ پهتس، تہ اُتم خط لکِي مون تي ڪم رکيو تہ ٻارهن سالن ۾ ڀارت ۾ سنڌي شاعريءَ جو جائزو وٺي. تڏهن هوُ 'نئين دنيا' جو سمپادڪ هو ۽ مون ڏي ٻہ سارا ڪتاب ۽ ڀارت ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي مخزنون وغيرہ موڪلي ڏنيون ۽ مون لنبو ليک تيار ڪري اُتم ڏي موڪليو جو هُن 'ساهت سُگنڌ' ۾ ڇپايو ۽ اُن وقت ڊسمبر ۱۹۵۸ع ۾ سنڌي سميلن جي موقعي تي بمبئيءَ ۾ اسان ٻئي ۾ ملياسين.

ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ مون پنهنجو نئون وطن آديپور (گانڌيڌام - ڪڇ) ڪي ٻڌايو آهي، جو ڳوٺ سنڌ جي ورهاڱي ڀارت جي هڪ ڏُورانهي ڪُنڊ ۾ اڏيل آهي ۽ ليکڪ

مون کي اِها ڳالهه نہ وڻي؛ مون کيس لکيو تہ مخزن
[illegible] بہ هڪ ڏنڊو آهي - اشتهارن لاءِ ڊُڪ ڊوڙ ڪرڻ ۽
[illegible] ڪان دان وٺڻ ۾ ڪو اعتراض نہ ٿيڻ کپي؛ تون
[illegible] ڪرڻ نہ چاهين، ان ڪري تنهنجي مخزن ۽ اخبارون
[illegible] ٿي ويون. پر هُن کي منهنجي صلاح هرگز نہ وڻي.
ڪيتري وقت کان منهنجي دل ۾ ڪنڊو چُڀندو رهيو
آهي تہ ڪيرت ۽ اُتم جهڙن اعليٰ اديبن کي ساهتيہ
اڪادميءَ جو اوارڊ نہ مِلي سگهيو آهي، توڙي ڪين سوويت
[illegible] جا اوارڊ مِلي چُڪا آهن. منهنجو ايماندار رايو آهي
[illegible] هن ٻنهي کي ساهتيہ اڪادميءَ جو اوارڊ ضرور ترت
[illegible] گهرجي. ان ڪري مون سوچيو تہ مان اُتم جي لاءِ
[illegible] رسالن ۾ ڪجهہ لکان. مون هُن کي لکيو تہ هُو
[illegible] زندگيءَ ۾ ادبي ڪارنامن بابت، مونکي تفصيل
[illegible] ۽ منهنجي رهبري ڪري. پر اُتم مون ڏي ٽُوڪ
[illegible] موڪليو تہ اوارڊ ۾ هُن جي ڪائِي دلچسپي ڪانهي.
[illegible] سمجهان ٿو تہ اُتم ۽ ڪيرت کي اوارڊ نہ ملڻ هڪ
accident يا اتفاق آهي. پر اتم جي حالت ۾ مونکي اها بہ
[illegible] آهي تہ هن سچائيءَ يا حق جو آواز بُلند ڪري،
[illegible] دوستن کي بہ دشمن بڻائي ڇڏيو هوندو - اڪادميءَ
[illegible] لاڳاپو رکندڙن ۾ هُن جا اهڙا دشمن ٿي سگهن ٿا.
گدريل زلزلي ۾ منهنجو آديپور وارو آکيڙو جهُري پيو
[illegible] هن وقت مون وٽ ڪي بہ موجود ناهن، ان ڪري
[illegible] ليک يادگيريءَ مان لکيو اٿم. غلطين لاءِ معافِي.

سان لهوچڙ گهٽ ٿيندي آهي. بس ڪن ادبي بيٺڪن تي ملاقات ٿي ويندي آهي. اُتم سان بہ منهنجون اهڙيون سمجهہ مختصر ملاقاتون ٿيون آهن. پر اُتم جي لاءِ منهنجي دل ۾ اٿاهہ آدر ۽ پيار آهي. سنڌي ساهتڪارن جي پهرين امورتيءَ ۾ (سرڳواسي) گوبند مالهي، ڪيرت ۽ اُتم جا بالا ايندا آهن. ٽنهي پارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي ڀلاءِ، بهبوديءَ، ڦهلاو ۽ ترقيءَ ۾ لاثاني پارٽ ادا ڪيو آهي. پر مان انهن ٽنهي سنڌيءَ جي سرويچ سپاهين ۾ پهريون نمبر اُتم کي ئي ڏيان ٿو.

اُتم هڪ شخص نہ، پر هڪ سنستا آهي. هو هڪ خاص جماعت آهي. هو هڪ ليکڪ، سمپادڪ، نقاد، پرڪاشڪ، پرچارڪ ۽ سنڌي ادب جو گهمندڙ ڦرندڙ وشوگرنٿ (encyclopedia) آهي. يادگيري نهايت تيز اٿس، پر سڀاءُ بہ اهڙو ئي تيز اٿس. ڪنهنجي خسيس غلطيءَ تي هو درواسا رشيءَ ٻيان هڪدم ڪاوڙجي ويندو آهي. ليڪن سندس غصي جو ڍنگ، نانگ جو مؤتمار ڏنگ نہ، پر ڏيئيوءَ جو ڏکوئيندڙ ڏنگ هوندو آهي. پر هر حالت ۾ هو دل جو صاف آهي. هي سنڌي ساهتيہ جو هڪ مستانو، ديوانو، پاڳل آهي. ڪيس پنهنجيءَ مستيءَ مان ڪوبہ دنيوي فائدو حاصل ڪونہ ٿيندو آهي، پنهنجي هڙان ۽ وڙان ڏيندو ئي رهندو آهي. پر انهن ڪرڻ سان ڪيس اندر جو آرام ۽ سُڪون ملندو آهي.

اڳين صديءَ جي سٺين ڏهاڪي ۾ هن اڪيلي سِر روزاني سنڌي اخبار سنڌو سماچار/سنڌو سنسار ممبئي مان ڪڍي ڪمال ڪري ڏيکاريو. پنو خريد ڪرڻ، ڪمپازيٽر، پروف

ريبر، اخبارن کي ويڙهي گراهڪن يا ورهائيندڙن وٽ پهچائڻ تنهن ڪانسواءِ تہ مٽر ڪنو ڪرڻ، اهي سڀ ڪم [illegible] هڪ ئي جنوني شخص ڪندو هو. ڪيترو گهاٽو پوندو هوس، ان جو پتو ڪونہ اٿم. سڄيون سڄيون راتيون جاڳي، [illegible] جاڪوڙ ڪندو هو. ڳالهيون ٻُڌندو هوس تہ هُن جي [illegible] اُمنگ، لگن ۽ جفاڪشيءَ جي اڳيان دل ئي دل ۾ نمسڪار ڪندو هوس. خبر ناهي تہ نئين دنيا مخزن هلائڻ ۾ هُن ڪيڏا ڪشالا ڪڍيا هوندا ۽ مالي نقصان سلو هوندا، پر اها خبر اٿم تہ هنُ ڪيترن کي اُتساه ڏيڻ [illegible] ليڪڪ پيدا ڪيا.

١٩٩٤ کان ١٩٩٩ تائين مان گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاڊمي جو چيئرمن ٿي رهيس. اُن عرصي ۾ اُتم، ڪن [illegible] تي متڀيد هئڻ جي ڪري، مون سان سخت لڙيو ۽ [illegible] هنيائين. پر اُن هوندي بہ هن جي ايمانداريءَ ۽ ديانتداري ۾ وشواس قائم رهيو. جنهن بہ ڪارنامي کي هُو [illegible] سمجهندو آهي، ان جي هُو ڀرپور مخالفت ڪندو آهي. پر اهو هرويرو ضروري ناهي تہ هن جي صحيح يا [illegible] جو فيصلو سدائين صحيح هجي. شروع ۾ هُن سلاهي جي مخالفت ڪئي، پر پوءِ جڏهن اهو ڪاريہ روبرو [illegible] ڏٺائين تہ پوءِ ٺڏو ٿيو.

اُتم پنهنجي اصولن ۽ آدرشن تان ڪڏهن بہ نہ [illegible] آهي. اهڙين ڳالهين ۾ هُو هماليہ وانگر اڏول رهيو آهي. هڪ ليک ۾ هُن ٻن ساهتڪارن تي، جيڪي سهاڏهه [illegible] مخزن هلائيندڙ بہ آهن، ڏنڊوڙيءَ هئڻ جو الزام [illegible]